# جهڙو راڄ تهڙو ڀاڱ

هڪڙي بادشاھ خواب لڌو، ڏٺائين تہ سندس سمهڻ واري ڪوٺيءَ ۾ هڪڙي لومڙي پئي ڦٽڪي. صبح جو بادشاھ سيني اميرن، وزيرن ۽ نجومين کي خواب ٻڌايو: پر انهن مان ڪوبہ ان جو تعبير نہ ٻڌائي سگهيو.

پوءِ تہ سڄي بادشاهيءَ ۾ پڙهو گهمايو ويو، تہ جيڪو بہ خواب جو تعبير ٻڌائيندو، تنهن کي وڏو انعام ڏنو ويندو.

ڪجھ ڏينهن گذري ويا، پر خواب جي تعبير ٻڌائڻ لاءِ ڪوبہ ڪونہ آيو. نيٺ اها خبر هڪ ڏينهن هڪڙي ڪُڙميءَ تائين پهتي. هو بہ خواب جي تعبير ڪرڻ لاءِ توڪل ڪري نڪري پيو. واٽ تي هڪ جابلو لڪ هو جتان هن کي لنگهڻو هو. اتي پهتو تہ ڏسي تہ هڪ واسينگ نانگ ويٺو آهي. هن نانگ کي چيو تہ "نانگ! مون کي واٽ ڏي، جو بادشاھ کي خواب جو تعبير ٻڌائڻ پيو وڃان." نانگ چيس "اڙي ڪُڙمي! بادشاھ کي نجومي بہ تعبير نہ ٻڌائي سگهيا، سو تون ڪيئن ٻڌائيندين؟ جي تون چوين تہ آءٌ توکي تعبير ٻڌايان، پر ان لاءِ منهنجو شرط آهي، تہ انعام جو اڌ مون کي ڏيندين." ڪُڙميءَ نانگ جو شرط مڃيو ۽ خواب جو تعبير ٻڌي روانو ٿي ويو.

دربار ۾ پهچي ڪڙميءَ خواب جو تعبير ٻڌائڻ جي اجازت گهري. بادشاھ کيس اجازت ڏني، ڪُڙميءَ چيو: "بادشاھ سلامت! لومڙي هڪ دغاباز، بزدل ۽ مڪار جانور آهي: تنهنڪري

توهان کي سمجهڻ کپي تہ رعيت ۾ دغابازي، مڪاري ۽ رياڪاري وڌي ويئي آهي. جيڪڏهن اها بند نہ ٿي تہ پوءِ حڪومت کي نقصان پهچندو.“ بادشاهہ کي ڳالهہ دل سان لڳي ۽ هن ڪُڙميءَ کي وڏا انعام اڪرام ڏنا.

ڪُڙمي انعام وٺي واپس پئي آيو، تہ خيال ڪيائين تہ ڇو نہ ٻيو رستو وٺي گهر وڃان! نہ تہ نانگ کي انعام جو اڌ ڏيڻو پوندو. سو هو ٻيو رستو وٺي گهر پهتو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ بادشاهہ وري ٻيو خواب لڌو، تہ سندس محل ۾ هڪ اگهاڙي ترار پئي لٽڪي. صبح جو بادشاهہ ان ڪُڙميءَ ڏانهن ماڻهو موڪليو. هاڻي تہ ڪُڙمي اچي ڦاٿو. نانگ سان تہ هن دوکو ڪيو هو. هاڻي ڇا ڪري؟ نيٺ دل مِن هٽي نانگ وٽ ويو ۽ ان کي مِنٿون ڪرڻ لڳو. نيٺ نانگ کيس چيو تہ: ”اڳي بہ تو قول ڪونہ پاڙيو، پر هاڻي واعدو ڪر تہ انعام جو اڌ ضرور مون کي ڏيندين!“ ڪُڙميءَ هائوڪار ڪئي ۽ خواب جو تعبير ٻڌي روانو ٿيو.

بادشاهہ وٽ پهچي ڪُڙميءَ کيس ٻڌايو تہ: ”جيئندا قبلا! ترار جو ڪم آهي خونريزي. اوهان جا دشمن اوهان جي پٺيان اگهاڙي ترار کنيو پيا گهمن. اوهان بہ ترار جي زور سان انهن جو سر يڪدم قلم ڪري ڇڏيو.“ بادشاهہ کي ڳالهہ دل سان لڳي. هن ڪُڙميءَ کي جهجها انعام اڪرام ڏنا. هڪ ترار بہ تحفي ۾ هن کي ڏنائين. ڪُڙمي خوش ٿيندو گهر ڏانهن موٽيو؛ پر واٽ تي وري بہ دل ۾ بي ايماني پيدا ٿيس، دل ۾ چوڻ لڳو تہ، نانگ کي اڌ

حصو ڇو ڏيان! جڏهن نانگ واري لَڪ وٽ پهتو ته نانگ کي ڏسي ڪٿي ترار هنيائين. نانگ ويچارو پڇي ڀرَ ۾ گهڙي ويو. ڪُڙمي اچي گهر پهتو ۽ سک سان زندگي گذارڻ لڳو.

ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ بادشاهه وري به ڪو خواب لڌو. هن وري ڪُڙميءَ ڏانهن ماڻهو موڪليو. ڪُڙمي ته هاڻي آزار ۾ پئجي ويو؛ پر وري به نانگ وٽ ويو. نانگ چيس ته: "هاڻي وري ڇو آيو آهين؟" ڪُڙميءَ، نانگ کي ڏاڍيون منٿون ڪيون. "ٻيلي، منهنجون خطائون بخش ڪر. هن خواب جو تعبير ٻڌاءِ نه ته مفت ۾ مارجي ويندس." تنهن تي نانگ چيس ته: "چڱو، توکي خواب جو تعبير ٻڌايان ٿو، پر واعدو ڪر ته هن ڀيري انعام جو اڌ ضرور ڏيندين!" ڪُڙميءَ هائوڪار ڪئي ۽ خواب جو تعبير ٻڌي روانو ٿيو.

بادشاهه وٽ پهچي ڪُڙمي چيو ته "بادشاهه سلامت! اوهان خواب ۾ ڍڳي ڏٺي آهي. توهان گونگي ڳانءِ وارو ڀهاڪو ته ضرور ٻڌو هوندو! سو ائين سمجهو ته اوهان جي رعيت هاڻي ڳئون وانگر نماڻي ٿي چڪي آهي. اوهان جي حڪومت کي هاڻي ڪوبه لوڏو نه آهي!" اهو ٻڌي بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو. ڪُڙمي به پنهنجو انعام وٺي روانو ٿيو.

ڪُڙمي هن ڀيري سڌو نانگ وٽ آيو. سمورو انعام آڻي نانگ آڏو رکيائين. نانگ چيس ته، "ادا آءٌ ڪو انعام جو بُکيو نه آهيان. مون ته رڳو تنهنجو آزمودو ٿي ورتو. پر ان ۾ تنهنجو ڏوهه نه آهي. ڇو ته ملڪي حالتن جو اثر رعيت تي پوندو آهي. ڀهرئين

پيري ملڪ ۾ فريب ۽ دغا هئي؛ سو تو بہ مون سان دغا ڪئي. ٻئي پيري ملڪ ۾ فساد ۽ خونريزي هئي، سو تو بہ ائين ڪيو. هاڻي ملڪ ۾ امن امان آهي، سو تون پاڻ هلي آيو آهين انعام ڏيڻ. ٻڌو ڪونہ اٿئي تہ "جهڙو راڄ تهڙو ڀاڳ، جهڙو راجا، تهڙي پرجا!"

(تلخيص: ڊاڪٽر سحر امداد)

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- بادشاهہ پهريون خواب ڪهڙو لڌو؟
2- ڪُڙميءَ ڪي خواب جو تعبير ڪنهن ٻڌايو؟
3- بادشاهہ ٻيو پيرو ڪهڙو خواب لڌو؟
4- بادشاهہ ٽيون پيرو خواب ۾ ڇا ڏٺو؟
5- نانگ ڪهڙي شرط تي ڪُڙميءَ کي خوابن جو تعبير ٻڌايو؟
6- هن آکاڻيءَ مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ڳچ – قول – خونريزي – تحفي – ٻيلي – آزمودو
پرجا – نيٺ – جابلو – ڪُڙمي – واٽ.